# علامه اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد

## (شعبو پاڪستاني زبانون)

| |
|---|
| **وارننگ**<br>عزیز طلبه! آپ یه بات ذهن نشین کر لیں که:<br>1- اگر آپ اپنی امتحانی مشق میں کسی اور کی تحریر میں سے مواد چوری کر کے لکھیں گے یا آپ اپنی امتحانی مشق کسی دوسرے طالب علم سے لکھوائیں گے تو آپ سرٹیفیکٹ یا ڈگری سے محروم ہو سکتے ہیں خواہ اس کا علم کسی بھی مرحله پر ہو جائے۔<br>2- کسی دوسرے طالب علم سے ادھار لی گئی یا چوری کی گئی امتحانی مشق پر علامه اقبال اوپن یونیورسٹی اسلام آباد کی "مواد کی چوری" Plagiarism پالیسی کے مطابق سزا دی جائے گی۔ |

**ڪورس ڪوڊ: 213 سنڌي لازمي ۽ سليس اردو سيمسٽر: بهار2014ع**

**سطح: ميٽرڪ مارڪون: 100**

### امتحاني مشق نمبر 1

### يونٽ 1 ۽ 2

**سوال1. هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو: (20)**

(i) قرآن ڪريم ۾ الله تعالى پاڻ سڳورن کي ڇا سڏيو آهي؟

(ii) موجوده دور جي ڪن به ٽن اهم شاعرن جو مختصر احوال لکو.

(iii) سسئي پنهون ڪهڙي دور جو قصو آهي؟

(iv) پاڻ سڳورن صه جي نظر ۾ سڀ کان سٺو ماڻهو ڪهڙو آهي؟

(v) هاڻوڪي رسم الخط ڪهڙي سال مقرر ڪئي وئي؟

**سوال2. هيٺ ڏنل ڏکين لفظن جي معنى لکي جملا ٺاهيو: (40)**

قديم، اعلى، آڳاٽي، شاهوڪار، روءِ زمين، محروم، ترس، الفت، اهنج، حضور شرمي قصور، فرشتو، الفت، بدترين، شفقت، مبشر سونهري، سياحن، آڳاٽي، قديم.

**سوال3. هيٺ ڏنل لفظن تي زير، زبر ۽ پيش لڳايو: ( 10)**

تمثيلي، تصوف، لافاني، بيباڪي، سرمستي،

عڪاسي، سطح، محفوظ، سلسلي، ڪلام.

**سوال4. هيٺ ڏنل جملن جي تشريح ڪريو: ( 20)**

(i) ”شايد ئي ڪو اهڙو موضوع هجي جنهن تي مرزا صاحب نه لکيو هجي“

(ii) ”لسانيات جا ماهر، ملڪي توڙي عالمي سطح تي موئن جي دڙي مان لڌل مهرن تي لکت کي پڙهڻ جا جتن ڪري رهيا آهن“.

(iii) سما دور کي سنڌي ادب جو تعميري دور لکيو وڃي ٿو. هن دور جو رومانوي قصو نوري ڄام تماچي آهي.

(iv) سواليءَ جو سوال ڪڏهن به نه موٽائيندا هئا. زبان مان ڪڏهن به انڪار جو لفظ نه ڪيندا هئا.

**سوال5. هيٺ ڏنل عنوان تي پنهنجن لفظن ۾ هڪ هڪ پيراگراف لکو: ( 10)**

(i) ٽالپر دور

(ii) انگريز دور

## امتحاني مشق نمبر 2

## يونٽ 3 ۽ 4

**مارڪون: 100**

**سوال1. هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو: ( 30)**

(i) شاهه لطيف جي والد جو نالو ڇا هو ۽ سندن عرس مبارڪ ڪهڙي اسلامي تاريخ تي ٿيندو آهي؟

(ii) شاهه لطيف جي رسالي ۾ ڪل ڪيترا سُر آهن؟

(iii) علامه دائود پوٽي صاحب سنڌي زبان ۽ ادب جي ڪهڙي خدمت ڪئي؟
(iv) ڊاڪٽر دائود پوٽو سنڌي زبان کان سواءِ بين ڪهڙين زبانن جو ڄاڻو هو؟
(v) شاهه لطيف جي سچل سرمست سان ڪٿي ملاقات ٿي هئي؟

**سوال2. هيٺ ڏنل لفظن جي معنى لکي جملا لکو: ( 30)**

باڪمال، عظيم، ڪائنات، ايڪانت، ڪنڊڪڙڇ، ڦڪيون، ڏاتر، ڪرهو، ڪوڙين، اڪاري، علامه، دسترس، موضوع، پلي پت، پونءِ، پاڻ پتوڙڻ، اپٽار، پلاري، وسان، شمس العلماء.

**سوال3. هيٺ ڏنل بيتن جي سمجهاڻي لکو: ( 20)**

(1) ساري رات سُبحان، جاڳي جن ياد ڪيو
ان جي عبدللطيف چئي، مٿيءَ لڌو مان
ڪوڙين ڪن سلام، آڳ اچئو ان جي.
(2) جيڪي منجهه جهان، سو تاري تڳي تنهنجي
لطف جي لطيف چئي، تو در ڪمي ڪانه
عدلُ جُٽان آن نه، ڦيرو ڪج ڪو فضل جو
(3) چڱا ڪن چڱايون، مٺايون مٺن
جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن،
(4) تانگهي ۾ تاڻي، ٻَڌُ پنهنجو تُرَهو
اونهي ۾ آڻي، ڪونه ڏيندءِ ڪو ٻئو.

**سوال4. هيٺ ڏنل لفظن تي زير، زبر، پيش لڳايو: ( 10)**

بلند پايه، بجا طور، پلي پت، گرهوڙي، اپٽار، تحقيق، جاچ، وڙ، اونهي، مٺايون.

**سوال5. سنڌي زبان جي عظيم صوفي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي زندگي جو احوال پنهنجن لفظن ۾ لکو. ( 10)**

## امتحاني مشق نمبر 3

## يونٽ 5 کان 7

**مارڪون: 100**

**سوال1. هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو: (20)**

(i) تازي هوا نه ملندي ته ڪهڙو نتيجو نڪرندو؟

(ii) سياسي حقن ۾ ڪهڙا حق شامل آهن؟

(iii) بنيادي انساني حق ڪهڙا آهن؟

(iv) تازي هوا نه ملندي ته ڪهڙو نتيجو نڪرندو؟

(v) صحت جا ڪهڙا ٻه وڏا ۽ بنيادي اصول آهن؟

**سوال2. هيٺ ڏنل ڏکين لفظن جي معنى لکو ۽ جملا ٺاهيو: (40)**

اوس، چست، ڦڙت، ڪرپلو، اپاءُ، پرماريت، انتشار، سالم، صحتمند، صالح، خودپرستي، سزا لوڙڻ، واقف، تصور، نافذ، مهذب، خواهش، منشور، اولين، آهستي.

**سوال3. پنهنجي دوست کي خط لکي حيدرآباد گهمڻ جي دعوت ڏيو: (10)**

**سوال4. پنهنجي علائقي ۾ ڇوڪرين جي اسڪول کولائڻ جي لاءِ تعليم جي وزير کي درخواست لکو: (10)**

**سوال5. پنهنجي ڀاءُ کي امتحان ۾ پاس ٿيڻ جي مبارڪ باد جو خط لکو؟ (10)**

**سوال 6. هيٺ ڏنل عنوانن تي نوٽ لکو: (10)**

**(i) تندرستي هزار نعمت آهي**

**(ii) انساني حق**